شیخِ طریقت امیرِ اہلسنت بانیٔ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابوبلال

محمد الیاس عطار قادری رضوی

دامت برکاتہم العالیہ

(تخریج شدہ)

رسالو نمبر: 7

پُر اَسرار خزانو

سنڌي ترجمو

هن رسالي ۾ .....

لاجواب خزانو

جهنّم جون سختيون

جهنّم جا خطرناڪ تاڙا

بلن ٻي ڇيرڙ جو عذاب

جڳ جي لڳائي کي دنيا نٿي هڻي (نظم)

.....وغيره ملاحظه فرمايو

www.dawateislami.net

فيضانِ مدينه محلہ سوداگران بيرون سبزي منڈي بابُ المدينه ڪراچي پاڪستان فون: 4921389-95/412699 فيڪس: 4125858

مڪتبة المدينه

Email:maktaba@dawateislami.net Website: www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

پُراسرار خزانو ۱

گھٹو ڪري شيطان توهان کي هي رسالو پورو پڑھڻ نہ ڏيندو پر ڪوشش ڪري پورو پڑھي شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

درود پڑھڻ واري جي حڪايت

حضرت سيّدُنا محمد بن سعيد عليه رحمة الله المعيد سمھڻ ڪان اڳ ۾ هڪ مقرر تعداد ۾ دُرُود شريف پڑھندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِ فرمائن تا، هڪ ڀيري جڏهن دُرُود شريف پڑھي رات جو سُمهي پيس تہ قسمت ناز منجهان جاڳي پئي. مان جنهن منهي آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڑھندو آهيان اهي ئي سھڻا، من مھڻا آقا، مدينو وارا آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف ونی آيا، ۽ فرمايائون، "جنهن وات

۱ الحمدلله عَزَّوَجَلَّ جمعي جي رات (10 جمادي الاولیٰ 1418) تي امير اهلسنت دامت برکاتهم العاليه جو بيان ام القُيوين الامارات العربية المتحدة مان ٽيليفون جي ذريعي مرڪز الاولياء لاهور ۾ بن جڳهن تي رلي ٿيو، ۽ اتان ڪان مصطفیٰ آباد، منڊي فاروق آباد، شيخوپوره، شڪرگڑھ، اوڪاڑه، ضياڪوٽ ۽ چيچ وطني ۾ رلي ٿيو جتي هزارين اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن هي بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، جيڪو ضروري ترميم سان تحريري طور تي خدمت ۾ حاضر آهي. مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **جنهن مون تي هڪ پيرو درودِ پاڪ پڑهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪلينڈو آهي .**

سان توهان مون تي دُرُود پڑهنڈا آهيو اهو وات منهنجي ويجهو ڪريو تہ جيئن مان ان کي چُمان.“ اهو بُڌي مون کي ڏاڍو شرم آيو، تہ مان پنهنجو وات سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي وات مبارڪ جي ويجهو ڪيئن ڪريان؟ مون پنهنجو ڳل سرڪارِ نامدار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي سامهون ڪيو ۽ رحمتِ عالم صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن نهايت شفقت سان ان تي چُمي ڏني. جڏهن آءُ سُجاڳ ٿيس تہ سڄو گهر مُشڪبار ٿي رهيو هو. منهنجو گهر ۽ منهنجي ڳل انن ڏينهن تائين خوب خوشبودار رهيا. **(القول البديع ص 130 طبعة دار الكتب العلميه بيروت)**

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جا آداب

منا منا اسلامي ڀائرو! نگاهون هيٺ ڪري توجهہ سان بيان ٻُڌو جو لاپرواهيءَ سان هيڏي هوڏي، پوئتي ڪنڌ ورائي ڏسندي، زمين تي آڱر سان ڪيڏندي، پنهنجي ڪپڑن يا وارن کي ناهيندي، ڳالهيون ڪندي يا ٽيڪ لڳائي ٻُڌڻ سان ۽ پڻ اڌورو بيان ٻُڌي ڪري هليو وڃڻ سان ان جون بَرَڪتون گهٽجي وڃڻ جو انديشو آهي. بي توجهي سان قرآن ۽ سنّت جي ڳالهہ ٻُڌڻ مسلمانن جي صفتن مان ناهي.

"سورة الانبياء" جي بي ۽ ٽين آيت سڳوري ۾ ارشادِ رباني آهي:

مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنْ رَّبِّهِمْ مُّحْدَثٍ اِلَّا اسْتَمَعُوْهُ وَهُمْ يَلْعَبُوْنَ 0 لَاهِيَةً قُلُوْبُهُمْ ط (پ١٥ الانبياء ٢،٣)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرکت، عظيم المرتبت، پروانءِ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت، باعثِ خير و برَکت، حضرتِ علامہ الحاج الحافظ القاري الشّاهہ امام احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن پنهنجي شهرهءِ آفاق ترجمءِ قرآن"کنزالايمان"۾ ان جو ترجمو هيئن کن ٿا:

"جڏهن انهن جي ربّ عزوجل وٽان انهن کي کا نئين نصيحت اچي ٿي تہ ان کي نہ ٿا ٻُڌن پر راند کندي انهن جون دليون راند جي غفلت ۾ آهن."

يتيمن جي پيٽ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **کليم الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ حضرتِ سيّدُنا خضر عليٰ نبينا و عليه

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلي الله تعالي عليه وآله وسلم : **توهان جتي به هجو مون تي درود شريف پڑهو توهان جو درود شريف مون تائين پهچندو آهي .**

الصلوٰة والسلام جن جو مشهور قرآني واقعو جيڪو پندرهين سيپاري کان شروع ٿي سورهين سيپاري ۾ ختم ٿئي ٿو. ان ۾ اهو به آهي ته حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **کليم الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ حضرتِ سيّدُنا خِضَر عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام هڪ شهر ۾ تشريف وٺي ويا. اتان جي رهواسين هنن جي نه مهمان نوازي ڪئي ۽ نه ئي کاڏو حاضر ڪيو. حضرتِ سيّدُنا خِضَر عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام اتي هڪ پُراٽي پت جيڪا ڪرڻ تي هئي ان کي ناهي صحيح ڪيو. جن ماڻهن جن پاڻي جو به نه پُڇيو انهن وٽ پت کي ناهڻ جو ڪم تعجب ۾ وجهندڙ هو. تنهن ڪري حضرتِ سيّدُنا موسيٰ **کليم الله** عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جن حضرتِ سيّدُنا خِضَر عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي فرمايو،"توهان جيڪڏهن چاهيو ها ته انهن ماڻهن کان ڪجهه اجرت (يعني مزدوري) ئي وٺو ها. سيّدُنا خِضَر عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو، اها پت بن يتيمن جي آهي جيڪي هڪ نيڪ شخص جو اولاد آهن ۽ ان جي هيٺان خزانو آهي. جيڪڏهن پت ڪري پوي ها ته خزانو ظاهر ٿي پوي ها ۽ ماڻهو کٽي وڃن ها. تنهنڪري توهان جي ربّ عَزَّوَجَلَّ چاهيو ته اهي ٻار جوان ٿي خزانو ڪڍن. انهن جي نيڪ پيءُ جي صدقي انهن تي به رحمت ٿي. مفسرينِ ڪرام رحمهم الله تعاليٰ فرمائن ٿا، "اهو نيڪ شخص انهن ٻارن

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه والهٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه پيرا صبح ۽ ڏهه پيرا شام درود شريف پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

جو ستين پيڙهيءَ ۾ پيءُ هيو.
(تفسير صاوي ج 4 ص 33 دارالكتب العلميه بيروت)

لاجواب خزانو

منا منا اسلامي ڀائرو! هتي انهن جي پيءُ جي نيڪيءَ جو لحاظ فرمايو ويو. جڏهن ته انهن ٻارن جي نيڪيءَ جو تذڪرو ناهي. يعني اهي ٻار نيڪ هجن يا نه هجن پر انهن جو پيءُ ته نيڪ ۽ پرهيزگار هيو تنهن ڪري انهن جو لاجواب خزانو محفوظ ركيو ويو. سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رضي الله تعالى عنهما فرمائن ٿا،"بيشڪ الله عزوجل انسان جي پرهيزگاريءَ جي ڪري ان جي اولاد ۽ ان جي اولاد جي اولاد جي به اصلاح فرمائيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙي وارن ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سڀ الله عزوجل جي طرفان پردي ۽ اَمان ۾ رهندا آهن." **(الدر المنثور ج 5 ص 422 دار الفكر بيروت)**

حضرتِ صدر الافاضل مولانا محمد نعيم الدين مُراد آبادي عليه رحمة الهادي فرمائن ٿا، سركارِ مدينه صلى الله تعالى عليه والهٖ وسلم فرمائن ٿا،"الله عزوجل هڪ نيڪ مسلمان جي بَرَڪت سان ان جي پاڙي جي 100 گهرن جي مصيبت دور فرمائيندو آهي."

سبحٰن الله عزوجل نيڪن جو قرب به فائدو پهچائيندو آهي.
(خزائن العرفان ص 66 بمبئي)

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طَهارت (يعني پاڪائي) آهي.

سٺ عبرتناڪ عبارتون

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته نيڪ ماڻهن جي بَرَڪت سان انهن جي اولاد بلڪ پاڙي وارن کي به فائدو پهچندو آهي ته نيڪ ماڻهو ڪيڏو نه پلو هوندو آهي جو ان جي فيض ۽ برڪتن سان نه ڇاڻ ڪيترا ماڻهو فيضياب ٿيندا آهن. هينئر جنهن لاجواب خزاني جو ذڪر ٿيو"سورة الكهف" سيپاري 16 جي آيت 82 ۾ ان جو تذڪرو هن ريت آهي.

www.dawateislami.net

وَكَانَ تَحْتَهٗ كَنْزٌ لَّهُمَا وَكَانَ اَبُوْهُمَا صَالِحًا ۚ (پ١٦آيت٨٢)

ترجمو ڪنزالايمان: ان جي هينان انهن جو خزانو هو ۽ انهن جو پيءُ نيڪ ماڻهو هو.

هن آيت جي تحت حضرتِ سيّدُنا عثمانِ غني رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا، اهو خزانو سون جي هڪ تختيءَ تي مشتمل هو ۽ ان تي هي ست عبرتناڪ عبارتون نقش ٿيل هيون.

﴿1﴾ ان شخص جو حال عجيب آهي جيڪو موت جو يقين رکڻ جي باوجود ڪِلي ٿو.

﴿2﴾ ان شخص تي تعجب آهي جيڪو دنيا کي فنا ٿيڻ واري تسليم ڪرڻ جي باوجود ان ۾ مطمئن ۽ مشغول آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن کتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان کتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار کندا رهندا .

﴿3﴾ ان شخص تي حيرت آهي جيڪو تقدير تي ايمان رکڻ جي باوجود دنيا (جون نعمتون) نہ ملڻ تي غمگين ٿيندو آهي. ﴿4﴾ ڪيڏو عجيب آهي اهو ماڻهو جنهن کي يقين آهي تہ قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ڏيڻو آهي ان جي باوجود دنيا جي دولت گڏ ڪرڻ جي ڌُن ۾ رهي ٿو. ﴿5﴾ حيرت آهي ان شخص تي جيڪو جهنّم کي سخت ترين عذاب جي جڳهہ تسليم ڪرڻ جي باوجود گناهن کان پري نہ ٿو ٿئي. ﴿6﴾ عجيب آهي اهو شخص جيڪو اللہ عزوجل کي سُجاڻڻ جي باوجود غيرن جو تذڪرو ڪندو ٿو رهي. ﴿7﴾ تعجب آهي ان تي جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ جنّت ۾ نعمتون ئي نعمتون آهن پوءِ بہ دنيا جي راحتن ۾ گم آهي. اهڙيءَ طرح ان جو حال بہ عجيب آهي جيڪو شيطان کي جان ۽ ايمان جو دشمن ڄاڻيندي بہ ان جي پيروي ڪري ٿو.

(المنبهات علي الاستعداد للعسقلاني ص 83 قندهار)

www.dawateislami.net

موت جو يقين ۽ ڪلڻ

منا منا اسلامي ڀائرو! انهن بن يتيمن جي لاجواب خزاني تي انهن ست عبرتناڪ عبارتن جو پُراسرار خزانو بہ ڪافي عبرتناڪ آهي. اهو پُراسرار خزانو اسان کي عبرت جا مُشڪبار مدني گل پيش ڪري رهيو آهي. واقعي موت

جو يقين رکڻ وارن جو ڪلڻ تعجب ۾ وجهندڙ آهي، دنيا ڪي فاني مڃڻ جي باوجود ان ۾ مطمئن رهڻ حيرت انگيز آهي، تقدير تي يقين رکڻ جي باوجود دنيا جو مال نہ ملڻ يا نقصان ٿيڻ تي هاءِ گهوڑا ڪرڻ حيرتناڪ آهي، جيترو مال وڌيڪ آهي اوترو وَبال ۽ وڌيڪ ٿيندو، ۽ قيامت ۾ حساب ڪتاب ۽ وڌيڪ ٿيندو. اهو يقين رکڻ جي باوجود هر وقت ان سوچ ۾ رهڻ تہ بس ڪيئن ۽ دولت ۾ اضافو ٿئي. هتي ڪاروبار آهي تہ اتي ۽ برانچ کُلي وڃي. اهڙي ڏُن ۾ مست رهڻ واري تي ڇو حيرت نہ ٿئي جو جڏهن ان کي اها خبر آهي تہ قيامت جي ڏينهن مون کي ذري ذري جو حساب ڏيڻو پوندو. آخر پوءِ ۽ هو ايتري دولت ڇو گڏ ڪندو ٿو وڃي؟ ان کي مال ۽ دولت جي لالچين جي عبرتناڪ انجام کان عبرت حاصل ڇو نہ ٿي ٿئي؟ سپاٽي قيامت جي سخت اُس ۾ ايتري مال ۽ دولت جو حساب ڪيئن ڏئي سگهندو؟

جهنم جون سختيون

اهو ڄانهو ۽ ڪيڏو عجيب آهي جيڪو اهو ڄاڻي ٿو تہ دوزخ سخت ترين عذاب جي جاءِ آهي پوءِ ۽ گناهہ ڪري ٿو. **منا منا اسلامي ڀائرو!** جهنّم کي جيڪڏهن سُئيءَ جي سوراخ جي برابر ۽ کوليو وڃي تہ ان جي تپش ۽ بدبوءِ کان

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڑهو تہ مون تي بہ پڑهو بيشڪ آءٌ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان .

سڀي مخلوق مري وڃي. جهنّمين کي جيڪو مشروب پيئڻ جي لاءِ ڏنو ويندو اهو ايتريقدر خطرناڪ آهي جو جيڪڏهن ان جو هڪ ڏوڪ دنيا ۾ هاريو وڃي تہ دنيا جو سڀ فصل ختم ٿي وڃي نہ اناج ڦٽي ۽ نہ ئي ميوا. جهنّم جا نانگ ۽ وڇون تمام خطرناڪ آهن. حديث شريف ۾ آهي، جهنّم ۾ عجمي ائن جي ڪنڌ جيڏا وڏا وڏا نانگ هوندا جيڪي دوزخين کي ڏنگيندا، اهي اهڙا تہ زهريلا هوندا جو جيڪڏهن هڪ پيرو ڏنگين تہ چاليهہ سالن تائين انهن جي زهر جي تڪليف نہ ويندي، ۽ لڳام لڳل خچرن جي برابر وڏا وڏا وڇون جهنّمين کي ڏنگيندا رهندا، هڪ پيرو ڏنگڻ جي تڪليف چاليهہ سالن تائين باقي رهندي." (مسند امام احمد ، حديث 17729 ج 1 ص 16 دارالفكر بيروت) ترمذي جي روايت ۾ آهي، جهنّم ۾ "صَعُود" نالي باهہ جو پهاڙ آهي جنهن جي اوچائي ستر سال جي سفر جيتري آهي. ڪافر جهنّمين کي ان تي چڙهايو ويندو. ستر سالن ۾ ان جي اوچائي تي پهچندا پوءِ مٿان کان انهن کي ڪيرايو ويندو تہ ستر سالن ۾ اهي هيٺ پهچندا اهڙيءَ طرح انهن کي عذاب ڏنو پئي ويندو." (جامع ترمذي حديث 2585 ج 4 ص 260 دار الفكر بيروت) جهنّم جي اهڙن خطرناڪ عذابن جو تذڪرو ٻُڌڻ جي باوجود بہ جيڪو گناهن کان پري نہ رهي ان تي بہ واقعي تعجب آهي. آخر انسان کي

www.dawateislami.net

هيءَ دنيا چا ڏيندي جو ان جي رنگينين ۾ گم ٿ ان جي قرلٽ ۾ مصروف آهي.

جهنم جا خطرناڪ ڪاڏا

ذائقيدار ڪاڏا مزي سان ڪائڻ وارن کي جهنّم جي ڊيجاريندڙ ڪاڏن کي نه وسارڻ کپي! ترمذي جي روايت ۾ آهي، دوزخين تي بُک مسلط ڪئي ويندي ٿ اها بُک انهن سيني عذابن جي برابر ٿي ويندي جن ۾ اهي مبتلا آهن، اهي فرياد ڪندا ته انهن کي ضريع (يعني زهريلي ڪنڊن واري گاهه) مان ڏنو ويندو، جيڪو نه ٿلهو ڪندو نه ئي بُک کان چوٽڪارو ڏيندو. وري اهي ڪاڏو گهرندا ته انهن کي (نِڙيءَ ۾) اٽڪڻ وارو ڪاڏو ڏنو ويندو ته انهن کي ياد ايندو ته اهي دنيا ۾ اٽڪڻ واري گرهه کي پاڻيءَ سان ڳهندا هئا، اهڙيءَ طرح اهي پاڻي گهرندا ته انهن کي لوهه جي انبوريءَ سان ٺهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو جڏهن اهو انهن جي وات جي ويجهو ٿيندو ته انهن جا وات پُڄي ڇڏيندو پوءِ انهن جي پيٽ ۾ داخل ٿيندو ته انهن جي پيٽن جي هر شيءِ ڪٽي ڇڏيندو." **(جامع ترمذي حديث 2595 ج 4 ص 263 دار الفكر بيروت)** هڪ بي حديث شريف ۾ آهي، "زقوم (يعني ٿُوهڙ جيڪو دوزخين کي کارايو ويندو) جو هڪ قطرو جيڪڏهن دنيا تي ڳڙي پوي ته

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **ان شخص جو نڪ مٿيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي .**

دنيا وارن جي سيني شين کي (ڪڙو ۽ بدبودار بڻائي) خراب ڪري ڇڏي.“ **(ابنِ ماجہ حديث 4325 ج 4 ص 531 دار المعرفة بيروت)** آهہ! جهنّم ۾ اهڙو سخت عذاب ٽيڙ جي باوجود آخر انسان گناهن تي ايترو دلير ڇو آهي؟

ٻلن تي ڇيرڙ جو عذاب

منا منا اسلامي ڀائرو! خوفِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ کان ڈڪي وجو! ۽ پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪري ونو! اسان جي پياري پياري آقا، مدينو واري مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم عذاب جو هڪ منظر اهو ٻڌو تہ هڪ شخص ليٽيل آهي ۽ فرشتو هڪ انبوريءَ سان ان جي ڳل کي ايتريقدر چيري ٿو جو ان جي مٿي کان پوئين حصي تائين پهچي وجي ٿو پوءِ اهڙيءَ طرح ٻئي ڳل کي چيري ٿو ان دؤران پهريون زخم صحيح ٿي وجي ٿو، هوڏانهن فارغ ٿي وري پهرين ڳل کي چيري ٿو،اهڙيءَ طرح چير ڦاڙ جو سلسلو جاري آهي. اها ڪوڙيون افواهون ڦهلائڻ وارن جي سزا هئي. **(صحيح بخاري ، حديث 1386 ج 1 ص 467)** معراج واري رات، سرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم اهڙن ماڻهن وٽان گذريا جيڪي ٽامي جي ننهن سان پنهنجي چهرن ۽ سينن کي پٽي رهيا هئا. سرڪارِ مدينہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي استفسار (يعني پُڇڻ) تي عرض ڪيو ويو،

www.dawateislami.net

ويو، "اهي ماڻهو ماڻهن جو گوشت کائڻ وارا (يعني غيبت ڪرڻ وارا) ۽ ماڻهن جي بيعزتي ڪرڻ وارا هئا."

(ابو داود حديث 4878 ج 4 ص 291 دار الفكر بيروت)

زندگي مختصر آهي

منا منا اسلامي ڀائرو! يقيناً زندگي تمام مختصر آهي عنقريب اسان جي ساهہ جي مالها ٽُٽي ويندي ۽ اسان جا ناز نخرا سهڻ وارا اسان کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ويران قبرستان ڏانهن هلي پوندا. افسوس جو اسان جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويندیون. اسان جي رت پگهر جي ڪمائي نہ اسان جي هٿ ايندي نہ اسان جي ڪم ايندي.

بیوفا دنیا پہ مت کر اعتبار　　تُو اچانک موت کا ہوگا شکار

موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ　　جان جاکر ہی رہے گی یاد رکھ

گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے

قبر میں تنہا قیامت تک رہے

آهہ! نوجوان ڈاکٹر

سردارآباد (فيصل آباد) جي ميڈيڪل ڪاليج جي آخري سال جو هڪ تمام ذهين شاگرد پنهنجي دوستن سان گڏ پڪنڪ (يعني سير ۽ تفريح) لاءِ نڪتو. پڪنڪ پوائنٽ (يعني تفريح گاهہ)

www.dawateislami.net

فرمان مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي ان جفا ڪئي .

تي پهچي ان جو دوست نديءَ ۾ ترڻ لاءِ لٿو پر ٻُڏڻ لڳو، ڊاڪٽر ان کي بچائڻ جي ارادي سان جذبات ۾ اچي پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو، هو تارو ته هيو ئي نہ تنهنڪري پاڻ بہ ڦاسي پيو. قسمت جي ڳالهہ جو ان جو دوست ته جيئن تيئن ڪري نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر آهہ! ڊاڪٽر ويچارو ٻُڏي موت جي منهن ۾ هليو ويو. روج راڙو پئجي ويو، پيءُ ماءُ جي ڪراڙپ جو سهارو پاڻيءَ جي موجن جي حوالي ٿي ويو، ماءُ پيءُ جا خوبصورت سپنا پورا نہ ٿي سگهيا ۽ اهو ويچارو ذهين شاگرد **M.B.B.S** جي فائنل امتحان جو نتيجو هٿ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي قبر جي امتحان ۾ مبتلا ٿي ويو.

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے　　مکیں ہوگئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے　　زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے　　یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

ڪهڙن جي حڪايت

حضرتِ سيّدُنا صالح مرقدي عليه رحمة الله القوي جو گذر ڪجهہ عاليشان گهرن وٽان ٿيو. ته پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ارشاد فرمايو، اي عاليشان عمارتو! اهي ماڻهو ڪٽي آهن جن توهان کي تعمير ڪيو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏانهن ويا جن سي ڪان اڳ ۾ توهان کي آباد ڪيو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏانهن وڃي لِڪا جيڪي سي

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذکر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڑهي تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو .

کان اڳ ۾ توهان جي اندر رهائش پذير هئا؟" اهي گهر ڀلا ڪيئن جواب ڏين ها!غيب مان هڪ آواز گونجڻ لڳو، "جيڪي ماڻهو پهريان هنن گهرن ۾ رهندا هئا انهن جا نالا ۽ نشان مِٽجي ويا هاڻي انهن جو نالو ونڊ وارو ڪوبہ باقي نہ رهيو، انهن جا جسم خاڪ ۾ مِلي ويا ۽ انهن جا عمل انهن جي ڪِچيءَ جو هار (بڊجي ويا) آهن."

(المنبهات علي الاستعداد للعسقلاني ص 19)

اُونچے اُونچے مکان تھے جن کے　　تنگ قبروں میں آج آن پڑے

آج وہ ہیں نہ ہیں مکاں باقی　　نام کو بھی نہیں ہے نشاں باقی

www.dawateislami.net

اسان جي بيڪار سوچ

مٹا مٹا اسلامي پائرو! الله وارن جي بہ ڪهڙي نہ خوب مدني سوچ هوندي آهي جو انهن عاليشان گهر ڏسي ڪري انهن مان عبرت جو سامان حاصل ڪيو ۽ هيڏانهن اسان آهيون جو جيڪڏهن عاليشان گهر، ماڙيون ۽ بنگلا ڏسندا آهيون تہ لاپرواهيءَ جو شڪار ٿي ويندا آهيون، انهن جي سجاوٽن جو نظارو ڪندا آهيون، انهن ماڙين ڪي ريس جي نظر سان ڏسندا آهيون،ان جي مضبوطيءَ تي تبصرا ڪندا آهيون انهن جي ملهہ جو اندازو لڳائيندا آهيون ۽ نہ ڄاڻ ڪيتري فضول ڳالهين ۾ مبتلا ٿي ويندا آهيون. ڪاش!

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود شريف پڑهڻ وساري ڇڏيو اهو جنّت جو رستو پُلجي ويو .

آسان کي به مدني سوچ نصيب ٿئي.

پيارا پيارا اسلامي پائرو! جنهن ناپائدار گهر کي حاصل ڪرڻ جي خاطر اڄ آسان ذليل ۽ خوار ٿي رهيا آهيون ان کي بقا نه آهي. ان جي ظاهري رنگيني ۽ شادابيءَ تي مست ٿيڻ وارؤ! ياد رکو!

گرچہ ظاہر میں مِثلِ گل ہے　　پر حقیقت میں خار ہے دنیا
ایک جھونکے میں ہے اِدھر سے اُدھر　　چار دن کی بہار ہے دنیا

بي خوفناڪ شيون

www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي، "جن شين کان مان پنهنجي امت کي خوفَ ڏيان ٿو انهن مان نفساني خواهش ۽ ڊگهي اميد آهي. نفساني خواهش حق کان روڪي ڇڏي ٿي ۽ ڊگهي اميد آخرت کي وساري ڇڏي ٿي. هي دنيا موڪلائي وڃي رهي آهي ۽ آخرت ويجهو اچي رهي آهي. انهن ۾نهي (دنيا ۽ آخرت) مان هر هڪ جو اولاد (تابعدار) آهي. جيڪڏهن توهان اهو ڪري سگهو جو دنيا جا ٻار نه ٻڌجو ته ائين ئي ڪريو جوته اڄ توهان عمل جي جاءِ تي آهيو جتي حساب ناهي ۽ سياڻي توهان آخرت جي گهر ۾ هوندؤ جتي عمل نه ٿيندو."

(شعب الايمان حديث 10616، ج 7 ص 370 دار الكتب العلميه بيروت)

عاليشان ڪهروارن جو انجام

مڻا مڻا اسلامي ڀائرو! واقعي نفساني خواهشن ۽ ڏکڻ اميدن جون تباهه ڪاريون اڄ بلڪل واضح آهن. **ابناءِ دنيا** (يعني دنيا جي پُٽن) جي گهٽائي هر جاءِ تي آهي جو دنيا سان محبت جو ته هر هڪ دعويدار نظر اچي رهيو آهي. پر آخرت جي محبت نظر نه ٿي اچي، هر هڪ دنيا جو مستقبل روشن ڪرڻ جي شوق ۾ مشغول نظر اچي رهيو آهي. هر هڪ انهيءَ فڪر ۾ آهي ته جيترو ٿي سگهي اوتري دولت گڏ ڪئي وڃي، جيترو ٿي سگهي سنڊون حاصل ڪيون وڃن، جيترو ٿي سگهي دنيا جا پلاٽ حاصل ٿي وڃن. اي دنيا ۾ عاليشان گهر حاصل ڪرڻ جا طلبگارو! ٿورو دل جي ڪنن سان ٻُڌو قرآنِ پاڪ ڇا چئي رهيو آهي! جيئن ته پنجويهين سيپاري، سورهءِ دخان جي آيت 25 کان 29 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

كَمْ تَرَكُوْا مِن جَنّٰتٍ وَّعُيُونٍ○ وَّزُرُوْعٍ وَمَقَامٍ كَرِيمٍ○ وَنَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ○ كَذٰلِكَ وَاَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ○ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ○

www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : **جنهن مون تي سؤ پيرا درود شريف پڑهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي .**

ترجمو کنزالايمان : ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشمان ۽ پوکون ۽ سنيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ پي فڪر گذاريندا هئا. اسان ائين ئي ڪيو ۽ انهن جو وارث پي قوم کي ڪيو پوءِ انهن تي نه آسمان رنو ۽ نه زمين ۽ انهن کي مهلت ڏني وئي.

جگه جی لگانے کی دنیا نهیں هے

منا منا اسلامي پائرو! توهان غور فرمايو؟ عاليشان گهر ناهڻ وارا، خوبصورت باغ لڳائڻ وارا ۽ سرسبز فصل پوکڻ وارا اوڇتو دنيا مان موڪلائي ويا، ۽ انهن جي ڇڏيل ملڪيت جو ٻين کي وارث بڻايو ويو، نه انهن تي زمين رُني ۽ نه آسمان، ۽ نه ئي انهن کي مهلت ڏني وئي. انهن جا نالا نشان مِٽايا ويا، انهن جا تذڪرا ختم ٿي ويا، بس هاڻي اهي آهن ۽ انهن جا عمل، تہ اها دنيا رُڳو عبرت ئي عبرت آهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے　　مگر تجھ اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے　　جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سُو نے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے مکیں ہوگئے لامکاں کیسے کیسے
ہوئے نامور بے نشاں کیسے کیسے زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

اَجل نے نہ کِسریٰ ہی چھوڑا نہ دارا اسی سے سکندر سا فاتح بھی ہارا
ہر اِک لیکے کیا کیا نہ حسرت سدھارا پڑا رہ گیا سب یونہی ٹھاٹھ سارا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

یہی تجھ کو دُھن ہے رہوں سب سے بالا ہو زینت نرالی ہو فیشن نرالا
جیا کرتا ہے کیا یونہی مرنے والا تجھے حُسنِ ظاہر نے دھوکے میں ڈالا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اجل بھی
بس اب اپنے اس جَہل سے تُو نکل بھی یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

www.dawateislami.net

نہ دلدادہء شِعر گوئی رہے گا نہ گِرویدہء شُہرہ جوئی رہے گا
نہ کوئی رہا ہے نہ کوئی رہے گا رہے گا توذکرِ نِکوئی رہے گا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جاہے تماشہ نہیں ہے

جب اس بزم سے اٹھ گئے دوست اکثر اور اٹھتے چلے جا رہے ہیں برابر
یہ ہر وقت پیشِ نظر جب ہے منظر یہاں پر ترا دل بہلتا ہے کیوں کر

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جاہے تماشہ نہیں ہے

www.dawateislami.net

جہاں میں کہیں شورِ ماتم بپاہے کہیں فَقر و فاقہ سے آہ و بُکا ہے
کہیں شِکوہء جَور و مکر و دَغاہے غَرَض ہر طرف سے یہی بس صدا ہے

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جاہے تماشہ نہیں ہے

تجھے پہلے بچپن نے برسوں کِھلایا جوانی نے پھر تجھ کو مَجنوں بنایا
بُڑھاپے نے پھر آکے کیا کیا ستایا اَجَل تیرا کردے گی بِالکل صفایا

جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جاہے تماشہ نہیں ہے

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم : جنهن مون تي ڏهه پيرا صبح ۽ ڏهه پيرا شام درود شريف پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي .

بُڑھاپے سے پاکر پیامِ قضا بھی نہ چونکا، نہ چیتا، نہ سنبھلا ذرا بھی
کوئی تیری غفلت کی ہے انتہا بھی جُوں کب تلک؟ ہوش میں اپنے آ بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

یہ فانی جہاں ہے مسلمان تجھ کو کرے گی یہ دنیا پریشان تجھ کو
پھنسا دیگی مرقد میں نادان تجھ کو کریگی قِیامت میں حیران تجھ کو
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

www.dawateislami.net

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے

مٹا مٹا اسلامي پائرو! جڏهن اهو شور مچي وڃي ته هن جو انتقال ٿي ويو آهي. هاڻي غَسّال (يعني غسل ڏيندڙ) کي گهرايو اهڙيءَ طرح غَسّال تختو کڻي اچي رهيو هوندو، غسل ڏنو ويندو..... کفن پارايو ويندو.....پوءِ اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو. ان کان اڳ ۾ ئي مجي وڃو، جلدي جلدي توبهہ ڪري وڃو. اجان به توبهہ جو وقت آهي.

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

هي رسالو پڙهي ٻڌي ٻڌائي ڇڏيو

شادي غمي جي موقعن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مکتبة المدينه جي ڇپيل رسالن ۽ مدني تلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب کمايو، ٻاڻهڪ تي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا پارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي هر هر ۾ هر مهيني هڪ ۾ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني تلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ٽومون مڃايو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

اسلامي پيڻ جي حڪايت

سانڪوڙ (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ بيان آهي تہ منهنجي پيڻ بنت عبدالغفار عطاريہ تي ڪينسر جي موذي مرض اڇي ورتو. هوريان هوريان حالت بڳڙندي وئي. ڊاڪٽرن جي مشوري تي آپريشن ڪرايائون. طبيعت ڪجهہ بهتر ٿي پر لڄ پڄ هڪ سال تان پوءِ مرض ٻيهر زور پڪڙيو تہ تين راڄپوتانہ اسپتال (حيدر آباد بابُ الاسلام سنڌ) ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ هفتو اسپتال ۾ رهيون پر سندن حالت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. اوچتو انهن آواز سان ڪلمۂ طيبہ جو ورد شروع ڪري ڇڏيو، ڪڏهن ڪڏهن وڃ ۾

www.dawateislami.net

اَلصَّلوٰةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

بہ پڙهن پيون. وڏي آواز سان لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ جو ورد ڪرڻ سان سڄو ڪمرو ٽونجي رهيو هيو، عجيب ايمان افروز منظر هيو، جيڪو اڇي پيو طبيعت پڇڻ بدران ان سان ئڏ ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ شروع ڪري پيو ڇڏي. ڊاڪٽر ۽ اسپتال جو عملو حيران هو جو هي الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪا مقبول بانهي معلوم ٿي ٿئي، نہ تہ اسان اڃ تائين مريضن جون رڙيون ئي ٻڌيون آهن ۽ هيءَ مريض رڙيون ڪرڻ جي بدران لاڀيتو ذڪرالله عَزَّوَجَلَّ ۾ مصروف آهي. تقريبا 12 ڪلاڪن تائين اها ئي ڪيفيت رهي. سانجهيءَ

جي اذان وقت اهڙيءَ طرح وڌي آواز سان کلمءِ طيب جو ورد کندي کندي سندن روح جسماني پجيري مان پرواز کري ويو.(فيضانِ سنّت جلد پهريون (تخريج شده) باب پيٽ جو قفلِ مدينه،ص 639)

الله عزّوجلّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

آمين بجاه النبى الامين صلى الله تعالى عليه واله وسلم

الحمدلله عزّوجلّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول مرحوم تي کم اڇي ويو انهن جو ان شآءَالله عزّوجلّ ٻيڙو پار ٿي ويو. خدا جو قسم! اهو خوش نصيب آهي جيکو هن دنيا مان کلمو پڙهندي رخصت ٿئي. نبي رحمت، شفيع امت، مالکِ جنت، محبوب رب العزت عزّوجلّ و صلى الله تعالى عليه واله وسلم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي، "جنهن جو آخري کلام لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ (يعني کلمءِ طيب) هجي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.

(ابوداود رقم الحديث 3116 ج 3 ص 132)

www.dawateislami.net

مکتبت المدينہ جي طرفان منظرِ عام تي آيل وي سي ڊيز

☆ بين الاقوامى اجتماع و اجتماعى اعتكاف

☆ ديدارِ اميرِ اهلسنت ☆ ايمان كى سلامتى

☆ ٹى وى كى تباه كاريان ☆ دعوتِ اسلامى اور جشنِ ولادت

www.dawateislami.net